# ڊِل جي ڪَٽُ (زَنگُ) دور ڪرڻ جا

# 4 طريقا

26-January-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

26جنوري، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# دِل جي ڪَٽُ (زَنگ) دور ڪرڻ جا 4 طريقا

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ......

- ✿... الله پاڪ جي قُرب جو حقدار ڪير آهي؟
- ✿... دل جي سختيءَ جا ڪجھ سبب
- ✿... مَتن تي ڪارا ڪانوَ ويٺا هئا
- ✿... غلام کي بادشاھ بڻائڻ وارو عَمل
- ✿... الله پاڪ جو قُرب ڏيارڻ واري نيڪي

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِينَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي پياري حبيب، دلين جي طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو بانهو شوق ۽ محبت سان 3 ڀيرا ڏينهن ۽ 3 ڀيرا رات جو مون تي دُرودِ پاڪ پڙهي، الله پاڪ تي حق آهي تہ ان جي ان ڏينهن ۽ رات جا گناهہ معاف فرمائي ڇڏي.[1]

اي عاشقانِ رسول! جيڪڏهن اسان ٿورو توجهہ ڪيون تہ خبر پوندي تہ گناهہ بخشرائڻ جو هي ڪيڏو پيارو ۽ آسان نسخو آهي، مثلاً صبح نمازِ فجر باجماعت ادا ڪيو، مٿو جهاڪيو، اکيون بند ڪيو ۽ سبز سبز گنبذ جو تصور ڪري 3 ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهو، اهڙيءَ طرح رات جو سمهڻ وقت چاهي بستري تي ئي ويهي قبلي ڏانهن منهن ڪري، مٿو جهڪايو، اکيون بند ڪيو ۽ پياري پياري گنبذِ خضرا جو تصور ڪري 3 ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان ڏينهن ۽ ان رات جا گناهہ معاف ٿي ويندا، خيال رهي! ڪبيره گناهہ سچي توبهہ سان ئي معاف ٿيندا آهن، ائين ئي قضا نمازون، قضا روزا، ٻانهن جا مالي،

1...معجم کبير، جلد:8، صفحہ:69، حديث:15316

جسماني حقوق ذمي هجن تہ انهن جي ادائيگي بہ لازمي (*Compulsory*) آهي.

وہ تو نہایت سَستا سودا، بیچ رہے ہیں جنت کا

ہم مُفلس کیا مول چکائیں، اپنا ہاتھ ہی خالی ہے[1]

وضاحت: الله پاڪ ۽ رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنّت جو نهايت سَستو سودو ڪري رهيا آهن، افسوس...!! بدلي ۾ ڏيڻ جي لاءِ اسان وٽ ڪو عمل ناهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رجبُ المُرجب جا ڪجهہ فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! رَجبُ المُرجب جو پيارو مهينو جلواگر ٿي چڪو آهي. هي نهايت بابرڪت مهينو آهي. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي

---

1... حدائقِ بخشش، صفحہ:186۔

2... مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: رَجَبٌ شَهْرُ اللّٰهِ تَعَالٰى وَ شَعْبَانُ شَهْرِىْ وَ رَمَضَانُ شَهْرُ اُمَّتِىْ۔ يعني رجب الله پاڪ جو مهينو آهي، شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان منهنجي اُمّت جو مهينو آهي.[1] روايتن ۾ آهي، جڏهن رَجبُ المُرجب جي آمد ٿيندي هئي ته پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي دعا فرمائيندا هئا.[2] (اچو! اسان به اداءِ سنّت جي نيّت سان هي دعا پڙهي وٺون ٿا):

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان

يعني اي الله پاڪ! تون اسان جي لاءِ رَجب ۽ شعبان ۾ برڪتون عطا فرماءِ ۽ اسان کي رمضان تائين پهچاءِ.[3]

الله پاڪ اسان کي هن محترم مهيني جو ادب ۽ احترام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. ڪنهن عربي شاعر ڇا ته خوب چيو آهي:

بَيِّضْ صَحِيْفَتَكَ السَّوْدَاءَ فِيْ رَجَبٍ | بِصَالِحِ الْعَمَلِ الْمُنْجِيْ مِنَ اللَّهَبِ[4]

**وضاحت:** رَجبُ المُرَجَّب ۾ پنهنجو ڪارو، گناهن سان ڀريل اعمال نامو چمڪايو...!! ڪيئن؟ نيڪ عمل ڪري. ڪهڙا نيڪ عمل؟ اهي ئي جيڪي جهنّم جي ڀڙڪندڙ باهه کان نجات ڏياريندا آهن.

عبادت میں، ریاضت میں، تلاوت میں لگا دے دِل
رَجَب کا واسطہ دیتا ہوں فرما دے کرم مولیٰ![5]

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

---

1... مسندِفردوس، جلد:2،صفحہ:275،حدیث:3276

2... موسوعۃ ابن ابی دنیا،کتاب فضائل رمضان ،جلد:1،صفحہ :361،حدیث:1

3... معجم اوسط ،جلد:3، صفحہ:85، حدیث:3939

4... تاریخِ مدینہ دمشق ،جلد :54،صفحہ :432 ۔

5... وسائلِ بخشش،صفحہ:98۔

## باطني طهارت ڪٿي آهي؟

حضرت ابوبڪر شبلي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ مشهور ڪامل ولي ٿي گذريا آهن، پاڻ وضو ڪري رهيا هئا، اوچتو غيب مان آواز آيو: اي شبلي! ظاهري پاڪائي ته حاصل ڪري ورتي، باطني طهارت (يعني دل جي پاڪائي) ڪٿي آهي؟ ان غيبي آواز سندن دل تي گهرو اَثر (*Effect*) ڪيو، پاڻ فوراً گهر آيا ۽ پنهنجي سڄي جائيداد (*Property*)، مال ۽ دولت راهِ خدا ۾ خرچ ڪري ڇڏيائون، صرف نماز پڙهڻ جي لاءِ ضروري ڪپڙا پاڻ وٽ رکيا. هڪ سال پاڻ ائين گذاريائون. پوءِ سيّدُ الطّائفه (يعني ولين جي سردار) حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ته پاڻ فرمايائون: اي شبلي! جيڪا طهارت اوهان اختيار ڪئي، اها تمام فائدي مند (*Beneficial*) آهي.[1]

عَفْوُ و رَحمت کا بخشش کا سائِل
ہوں نہایت گنہگار و غافل

میرا سب حال تجھ پر کھلا ہے
یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے

ہوں بظاہِر بڑا نیک صورت
کر بھی دے مجھ کو اب نیک سیرت

ظاہِر اچھا ہے باطِن بُرا ہے
یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو توهان! اسان جا بزرگانِ دين، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ڪهڙي نه ڪهڙي طريقي سان الله پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ جي ڪوشش (*Efforts*) ڪندا رهندا هئا، حضرت ابوبڪر شبلي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ دل مان دنيا جي

---

1... ڪَشْفُ الْمَحْجُوب،صفحہ:426 بتغير قليل
2... وسائلِ بخشش،صفحہ:135 ـ

محبت ڪيڻ، دل سان الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف رهڻ ۽ دل کي محبتِ الٰهي جي لائق بڻائڻ جي لاءِ پنهنجو سمورو مال، سڄي دولت، جائيداد (*Property*) سڀ ڪجهه راهِ خُدا ۾ خرچ ڪري ڇڏيو.

سچ ہے کہ انسان کو کچھ کھو کے مِلا کرتا ہے | آپ کو کھو کے تجھے پائے گا جُویا تیرا[1]

وضاحت: هي حقيقت آهي ته ڪجهه حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه وڃائڻو پوندو آهي، اي الله پاڪ! تنهنجو چاهڻ وارو پاڻ کي مِٽائي ڪري ئي توکي ماڻي سگهي ٿو.

## الله پاڪ دل ڏسندو آهي

اسان ٻه غور ڪيون! ❁ اسان جي باطني طهارت (يعني دل جي پاڪائي) ڪتي آهي؟ ❁ اسان وهنجندا ٻه آهيون ❁ ڌوئيندا ٻه آهيون ❁ ظاهري جسم کي سنوارڻ جي لاءِ گهڻي ڪوشش ڪندا آهيون ❁ اسان ننڍ مان اٿي ڪري جيستائين منهن نه ڌوئي وٺون، گهران نڪرڻ پسند نه آهيون ڪندا ❁ ڪپڙا ميرا هجن ته ماڻهن جي سامهون وينديٖ اسان کي شرم ٿيندو آهي، اڄ اسان جي معاشري جا ڪيئي نوجوان هزارين روپيا صرف وارن جي اسٽائل نهرائڻ تي لڳائي ڇڏيندا آهن، انهن فيشنز (*Fashions*) تي ڪيترائي روپيا خرچ ٿيندا آهن، وقت ٻه لڳندو آهي پر ماڻهو هي سڀ ڪندا آهن، ڇو؟ ان ڪري ته جيئن مان سُٺو نظر اچان ۽ مون کي ڏسي ڪري ماڻهو منهنجي تعريف (*Appreciation*) ڪن. پر افسوس! ❁ دل ميري آهي ❁ دل تي گناهن جي ڪاراڻ چڙهيل آهي ❁ دل ۾ بُرا خيالات آهن ❁ بدگمانيون ❁ تڪبر، غرور آهي ❁ دل ۾ حسد جي باه ٻري رهي آهي، اسان کي ان جو ذرو ٻه فڪر ناهي ٿيندو حالانڪ دل ربِّ ڪريم

---

1... ذوقِ نعت، صفحه:21

جي نظر جو مقام آهي. حديث شريف ۾ آهي:

اِنَّ اللهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰى اَجْسَادِكُمْ، وَلَا اِلٰى صُوَرِكُمْ، وَلٰكِنْ يَنْظُرُ اِلٰى قُلُوبِكُمْ

يعني بيشڪ الله پاڪ توهان جي جسمن ۽ صورتن کي نہ بلڪ الله پاڪ تہ توهان جون دليون ڏسندو آهي.(1)

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو: دِل رَبُّ الْعَالَمِيْن جي نظر جو مقام آهي، تعجب آهي ان شخص تي جيڪو ظاهر کي سنوارڻ جو اهتمام ڪري، پنهنجو ظاهر ڌوئي، مَٿي پري ڪري تہ جيئن ماڻهو ان جي ڪنهن ظاهري عيب کي نہ ڏسي سگهن پر دل جي صفائي جو اهتمام نہ ڪري جيڪا رَبُّ الْعَالَمِيْن جي نظر جو مقام آهي...!!(2)

| | |
|---|---|
| پھلاں دا تُوں عِطر بنا | عطراں دا فیر کڈھ دریا |
| دریا وِچ فیر رَج کے نہا | مچھلیاں وانگوں تاریاں لا |

وضاحت: گُلن جو عطر ٺاهيو، عطر جو دريا جاري ڪيو، دريا ۾ مڇين جيان ترندا رهو، پوءِ بہ توهان جي اندر جي بدبو ختم نہ ٿيندي. پهريان پنهنجي ”مان“ ختم ڪيو (يعني باطن صاف سٿرو ڪيو).

## الله پاڪ جي قُرب جو حقدار ڪير آهي؟

سلطانُ العارفين، شيخ سلطان باهو رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن وهنجڻ ڌوئڻ سان ربُّ ڪريم ملي ها تہ مڇيون (*Fishes*) سيني کان وڌيڪ ربِّ ڪريم جي قُرب جون حقدار هجن ها، جيڪڏهن ربِّ ڪريم سُنا وارَ نهرائڻ جي ذريعي ملي ها تہ رِڍن ٻڪرين جا وارَ گهٽا هوندا آهن، اهي الله پاڪ جون وڌيڪ مُقرب

1... مسلم، كتاب البر والصلة، باب تحريم ظلم المسلم...الخ، صفحه:995، حديث:2564

2... منهاج العابدين، صفحه:175- 176

هجن ها پر حقيقت (*Reality*) هي آهي تہ ربِّ ڪريم انهن ڪي ملندو آهي، جن جي نيّت سچي ۽ دل پاڪ هوندي آهي.[1] شيخُ الاسلام حضرت بابا فريد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اللّٰه پاڪ ۽ ٻانهي جي وچ ۾ حِجاب (يعني رڪاوٽ يا پردو) صرف دل جي ناپاڪي جو آهي، جيڪڏهن هي حِجاب گڄي وڃي (يعني دل پاڪ ٿي وڃي) تہ ٻانهي کي اللّٰه پاڪ جو قُرب نصيب ٿي ويندو آهي.[2]

پاک ہووَیں تے پاک ملے، بِنْ پاکوں پاک نئیں مِلدا
سارے جِسْم دے دَھوَنْ نالوں تُوں دَھولے ٹکڑا دِل دا

وضاحت: اللّٰه پاڪ آهي، پاڪ ماڻهن کي ئي پنهنجي قُرب سان نوازيندو آهي، ظاهري پاڪائي کان وڌيڪ دل جي پاڪائي تي گهڻو توجهه ڪيو! تہ جيئن توهان کي اللّٰه پاڪ جو قرب حاصل ٿي وڃي.

## دِل بادشاهہ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! دل اسان جو سڀ کان قيمتي (*Precious*) عضوو آهي، عِلم، عَمل، اخلاق، ڪردار، عقل ۽ دانائي، عزت ۽ بزرگي، انهن سڀني جو تعلق دل سان ئي آهي، سائنسدانن (*Scientists*) جي ويچهو اسان جي جسم کي اسان جو دماغ حڪم (*Command*) ڏيندو آهي، اسان پنهنجي آڱر کي ٿوري بہ حرڪت (*Movement*) ڏيندا آهيون تہ ان جي لاءِ دماغ آڱر کي حڪم ڏيندو آهي، تڏهن ئي آڱر حرڪت ڪندي آهي، جيڪڏهن دماغ حُڪمَ ڏيڻ ڇڏي ڏي تہ اسان جو سڄو جسم مفلوج (*Paralyze*) ٿي وڃي ائين ئي روحاني اعتبار سان اسان جي سڄي جسم جي ڪمانڊ (*Command*) اسان جي دل وٽ آهي، اسان جي دل

[1]... ابياتِ باہوكامل،صفحہ:187خلاصةً
[2]... ہشت بہشت، اسرا رالاولياء، صفحہ:30 بتغير قليل

اسان کي جيڪو حڪم ڏيندي آهي، اسان اهو ئي ڪندا آهيون، جيئن اسان جي دل جي حالت (*Condition*) هوندي آهي، ايئن ئي اسان جون عادتون، اخلاقَ، ڪردار هوندو آهي، دل صاف ستري چمڪدار هجي ته اسان نيڪ بڻجندا آهيون، نيڪ رهندا آهيون، دل جي چمڪ ڌمڪ اسان جي عضون ۾، اسان جي عادتن ۽ ڪردار ۾ نظر ايندي آهي ۽ الله نه ڪري اسان جي دل ڪاري هجي، دل تي گناهن جي ميراڻ چڙهيل هجي ته اسان جا عضوا، اسان جو ڪردار (*Character*)، اسان جون عادتون به متاثر (*Effect*) ٿينديون آهن. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو:

اَلَآ وَاِنَّ فِی الْجَسَدِ مُضْغَۃً: اِذَا صَلَحَتْ صَلَحَ الْجَسَدُ کُلُّہٗ، وَاِذَا فَسَدَتْ فَسَدَ الْجَسَدُ کُلُّہٗ، اَلَآ وَھِیَ الْقَلْبُ

ٻڌو! بيشڪ جسم ۾ رت جو هڪ دِڳُ (*Clot*) آهي، جڏهن اهو نيڪ ٿي وڃي، ته تمام جسم نيڪ ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن اهو دِڳُ بگڙجي وڃي ته سڄو جسم بگڙجي ويندو آهي، ٻڌو! اهو دِڳُ دل آهي.[1]

هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ عُلما فرمائن ٿا: ٻانهي جا تمام ڪم ان جي دل سان وابسته (*Linkup*) آهن، ❁ جيڪڏهن دل پاڪ صاف هجي ❁ ان ۾ الله پاڪ جي محبت هجي ❁ الله پاڪ جي محبوب ٻانهن جي محبت هجي ❁ دل ۾ الله پاڪ جو خوف هجي ته ٻانهي جا تمام ڪم دُرست ٿي ويندا آهن ❁ ٻانهو گناهن کان بچڻ لڳندو آهي بلڪ گناهه ۾ پوڻ جي خوف کان شبهات کان به بچڻ لڳندو آهي ۽ ❁ جيڪڏهن دل بگڙجي وڃي، ❁ دل نفساني خواهشن جي پيروڪار ٿي وڃي، ❁ ان ۾ خوفِ خُدا نه رهي ته ٻانهي جا ڪمَ بگڙجي ويندا آهن ۽ ٻانهو نفساني خواهشن جي جار ۾ ڦاسي ڪري گناهن ۾ مُبتلا ٿي ويندو آهي، ان ڪري چوندا آهن: دل تمام جسم جي بادشاهه آهي ۽ تمام عضوا ان جو لشڪر

[1]... بخاري، ڪتاب الايمان، باب فضل من استبرا، صفحه:84-85، حديث:52

آهن، جيڪڏهن بادشاهه (**_King_**) نيڪ هجي ته لشڪر به نيڪ ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن بادشاهه بگڙجي وڃي ته پورو لشڪر بگڙجي ويندو آهي.[(1)]

دِل ہائے گناہوں سے بیزار نہیں ہوتا
مغلوب شہا! نفسِ بدکار نہیں ہوتا

گو لاکھ کروں کوشش اِصلاح نہیں ہوتی
پاکیزہ گناہوں سے کردار نہیں ہوتا

یہ سانس کی مالا اب بس ٹوٹنے والی ہے
دِل آہ! مگر اب بھی بیدار نہیں ہوتا[(2)]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت لُقمان حڪيم جي حڪمت ڀَري ڳالهه

حضرت لُقمان حڪيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نهايت عقلمند ۽ داناءُ، نيڪ، پرهيزگار، ڪامل ولي هئا، قرآنِ ڪريم ۾ سندن ذڪر آيو آهي بلڪ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي نالي سان هڪ پوري سورت ”سورة لُقمان“ قرآنِ ڪريم ۾ آهي. حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي زندگي جو ڪجهه عرصو غلامي ۾ گذريو هڪ ڀيري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي دنياوي آقا چيو: ٻڪري ذبح ڪري ان جا سڀ کان بهترين (**_Finest_**) 2 حصا ڪٽي اچو. پاڻ ٻڪري ذبح ڪيائون ۽ ان جي زبان ۽ دل ڪڍي ڪٽي آيا. ڪجُهه ڏينهن کان بعد آقا ٻيهر چيو: ٻڪري ذبح ڪري ان جا سڀ کان بدترين (**_Worst_**) 2 حصا ڪٽي اچو. حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وري ٻڪري ذبح ڪئي ۽ وري به ان جي زبان ۽ دل ڪٽي ڪري حاضر ڪيائون، آقا ان جو سبب پڇيو (ته پهريان بهترين حصا آڻڻ جو چيو، تڏهن به اوهان زبان ۽ دل ئي آندا، هاڻي بدترين حصا آڻڻ جي لاءِ چيو ته اوهان زبان ۽ دل ئي آندا ان جو  ڇا سبب  آهي؟) ان تي حضرت لقمان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: جيڪڏهن زبان ۽ دل صحيح هجن ته هي سڀ کان بهتر (**_Better_**) آهن ۽

---

[1]... جامع العلوم والحكم، صفحه:83-84بتغير قليل

[2]... وسائل بخشش، صفحه:163ملتقطًا۔

جيڪڏهن هي بگڙي وڃڻ ته انهن کان وڌيڪ بُري شيءِ ڪا به ناهي.[1]

دِل ہی ڈبوئے، دِل ہی ترائے | دِل سا دوست نہ دِل سا دُشمن

## بدبختي جون 4 علامتون

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي سچي ڳالھ آهي، دل بگڙجي وڃي ته انسان ڪنهن ڪم جو ناهي رهندو، دل بگڙجڻ، دل تي ڪَٽُ (*Rust*) چڙهڻ، دل جو ڪارو ٿي وڃڻ هي دنيا جي سڀ کان وڏي سزا (*Punishment*) آهي.[2] ❁ تِرمذي شريف جي حديث ۾ آهي، اللّٰه پاڪ جي حبيب، دلين جي طبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّ اَبْعَدَ النَّاسِ مِنَ اللّٰهِ الْقَلْبُ الْقَاسِي يعني ماڻهن مان سخت دل وارو سڀني کان وڌيڪ اللّٰه پاڪ کان پَري آهي.[3] ❁ هڪ حديث شريف ۾ آهي: 4 شيون بدبختي مان آهن: (1): اکين جو جمود (يعني لُڙڪ نه نڪرڻ، روئڻ نه اچڻ) (2): دل جي سختي (3): ڊگهي اُمّيد (4): دنيا جي لالچ.[4]

| | |
|---|---|
| قَلب سختی میں حد سے بڑھا ہے | بندہ طالِب ترے خوف کا ہے |
| اِلتجائے غمِ مصطفےٰ ہے | یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے |
| حُبِّ دُنیا میں دل پھنس گیا ہے | نَفسِ بدکار حاوِی ہوا ہے |
| ہائے شیطاں بھی پیچھے پڑا ہے | یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے[5] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1 … تفسیرِ طبری،پارہ:21،سورۂ لقمان،زیرِ آیت:12،جلد:10،صفحہ:209۔
2 … ذَمُّ قَسْوَةِ الْقَلْب لِابنِ رجب،صفحہ:260
3 … ترمذی، کتاب الزہد،باب ما جاء فی حفظ اللسان، صفحہ:573، حدیث:2411
4 … مسند بزّار،جلد:13،صفحہ:88 ، حدیث:6442
5 … وسائلِ بخشش، صفحہ:134

## دل جي اصلاح تي توجه ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ❁ دل ئي اصل سرمايو آهي ❁ اها ئي اصل زندگي آهي ❁ دل ئي الله پاڪ جي نظر جو مقام آهي ❁ دل جي پاڪائي ڪاميابي (*Success*) جو ذريعو آهي ❁ ان جي بدولت ئي الله پاڪ جي معرفت حاصل ٿيندي آهي، اسان کي گهرجي تہ اسان دل جي صفائي سترائي تي توجه ڏيون، دل کي گناهن جي ميراڻ کان بچايون، باطني گناهن کان دل پاڪ ڪيون، بغض ۽ ڪينو، بدگماني، دنيا جي محبت، مال جي محبت، غرور، تڪبر، حسد وغيره اهڙين ناپاڪين کان دل کي محفوظ رکون، الله پاڪ اسان کي دل جي پاڪائي نصيب فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

زِندگی زِندہ دِلی کا نام ہے | مُردہ دِل کیا خاک جیا کرتے ہیں

## دل جي سختي جا ڪجھ سبب

اي عاشقانِ رسول! دل سخت ٿيڻ ۽ ان تي ميراڻ چڙهڻ جا ڪوڙ سبب (*Reasons*) آهن: جيئن ❁ فضول ڪلامي (يعني بنا ضرورت جي ڳالهائيندو رهڻ) سان دل سخت ٿيندي آهي. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ذِڪرُ الله کان علاوه گهڻو ڪلام نہ ڪيو! بيشڪ گهڻيون ڳالهيون ڪرڻ دل کي سخت ڪري ڇڏيندو آهي.[1] ❁ ائين ئي گهڻو کِلڻ سان دل سخت ٿيندي آهي، حديث شريف ۾ آهي: اِنَّ كَثْرَةَ الضَّحِكِ تُمِيْتُ الْقَلْبَ بيشڪ گهڻو کِلڻ دل کي مُرده (*Dead*) ڪري ڇڏيندو آهي.[2] ❁ ائين ئي گهڻو کائڻ، خاص ڪري حرام حلال

---

1... ترمذی، کتاب الزہد،باب ما جاء فی حفظ اللسان، صفحہ:573، حديث:2411۔

2... ابنِ ماجہ،کتاب الزہد،باب الحزن و البکاء،صفحہ:681،صفحہ:4193۔

جي پرواھ ڪرڻ بغير ڪائيندو وجهڻ دل کي مُرده ڪري ڇڏيندو آهي ❁ ۽ دل سيني کان وڏيڪ نقصان ڏيڻ واري شيءِ گناھ آهي. گناھ ننڍو هجي يا وڏو دل تي بُرو اثر (*Bad Effect*) وجهندو آهي، اللّٰه پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

ڪَلَّا بَلْ ٚ رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۱۴﴾

(سيپارو: 30، سورة مُطَفِّفين: آيت: 14)

ترجمو ڪنزالعرفان: (ائين) هرگز نه (آهي) بلڪ انهن جي ڪيل عملن انهن جي دلين تي ڪٽ چاڙهي ڇڏيو آهي.

دِل کا اُجڑا چمن ہو پھر آباد
نفس و شیطان ہو گئے غالِب
نِیم جاں کر دیا گناہوں نے
واسطہ میرے پیر و مرشد کا

کوئی ایسی ہَوا چلا یا رَبّ!
ان کے چُنگل سے تُو چُھڑا یا رَبّ!
مرضِ عصیاں سے دے شفا یا رَبّ!
مجھ کو تُو متقی بنا یا رَبّ! [1]

## دِل جي ڪَٽُ دور ڪرڻ جا 4 طريقا

پيارا اسلامي ڀائرو! دل تي ڪٽُ چڙهي وئي هجي، دل ميري ٿي وئي هجي ته ان جي علاج (*Treatment*) جي لاءِ ❁ فضول ڳالهائڻ کان پرهيز ڪيو! ❁ گهڻي کِلڻ کان بچو بلڪ مُسڪرائڻ سنّت آهي، مُسڪرائڻ گهرجي، وات ڦاڙي ٽهڪ ڏيڻ کان بچڻ بهتر آهي ❁ گهڻو کائڻ کان بچو ۽ ❁ سڀ کان اهم ڳالھ ته گناھ ڇڏي ڏيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دل صاف ٿي ويندي.

اڇو! دل جي ڪٽ دور ڪرڻ جا 4 طريقا ٻڌون ٿا:

[1]... وسائل بخشش، صفحه:79-81 ملتقطًا۔

## (1) ذِڪرُ الله

ذِڪرُ الله جي ڪثرت ڪرڻ سان دل جي ڪٽ دور ٿيندي آهي. حديث شريف ۾ آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ جيئن لوهَ (*Iron*) تي ڪَٽُ چڙهندي آهي، ائين ئي دليون بہ ڪٽجي ويندي آهن. عرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! دل جي ڪٽ جو علاج ڇا آهي؟ فرمايائون: موت کي ڪثرت سان ياد ڪرڻ ۽ ذِڪرُ الله جي ڪثرت ڪرڻ.[1]

| | |
|---|---|
| ڪاش لب پر مرے رہے جاری | ذِکر آٹھوں پَہَر ترا یارب! |
| چشمِ تر اور قلبِ مُضطر دے | اپنی اُلفت کی مے پِلا یاربّ ![2] |

## غافل تي شيطان مقرر ڪيو ويندو آهي

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَ مَنۡ یَّعۡشُ عَنۡ ذِکۡرِ الرَّحۡمٰنِ نُقَیِّضۡ لَہٗ شَیۡطٰنًا فَہُوَ لَہٗ قَرِیۡنٌ ﴿۳۶﴾

(سيپارو: 25، سورة زُخرف: آيت: 36)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو رحمٰن جي ذڪر کان منهن ڦيري تہ اسان ان تي هڪ شيطان مقرر ڪري ڇڏيندا آهيون پوءِ اهو ان جو ساٿي رهندو آهي.

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: شيطان جي سُونڍ ماڻهوءَ جي دل تي آهي، جڏهن ٻانهو الله پاڪ جو ذڪر ڪندو آهي تہ اهو سُونڍ (*Trunk*) هٽائي ونندو آهي ۽ جڏهن ٻانهو الله پاڪ جي ذڪر کان غافل ٿيندو آهي تہ شيطان ان جي دل کي گرهہ ٻڌائي ونندو (يعني وسوسا وجهڻ لڳندو)

---

[1]... شُعَبُ الايمان، جلد:2، صفحہ:353، حديث:2014۔

[2]... وسائلِ بخشش، صفحہ:79۔

آهي اهي ئي خنّاس (يعني شيطان) جا وسوسا آهن.[1]

## مَڻن تي ڪارا ڪانوَ ويٺا هئا

منقول آهي، هڪ مسلمان جِنّ حضرت امام ابو القاسم قشيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو دوست هو، هڪ ڏينهن اهي ٻئي مسجد ۾ ويٺا هئا ۽ ماڻهو بہ موجود هئا، مسلمان جِنّ چيو: اوهان کي ڪجهہ نظر اچي رهيو آهي؟ امام قشيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ها! هي ماڻهو ويٺا آهن، مون کي نظر اچي رهيا آهن. جِنّ چيو: ان کان علاوه ڪجهہ نظر نہ ٿو اچي؟ فرمايائون: نہ. هاڻي مسلمان جِنّ سندن اکين تي هٿ رکيو، پوءِ هٽايو ۽ چيو: هاڻي ڏسو! امام ابو القاسِم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ماڻهن ڏانهن نظر ڪنئين تہ ڇا ٿا ڏسن تہ ماڻهن جي مَڻن تي ڪارا ڪانوَ ويٺا آهن، انهن ڪانوَن جا وڏا واڏ وارَ آهن ۽ هي وارَ ڪنهن جي چهري کي ڍڪي رهيا آهن، ڪنهن جي اکين تائين آهن، ڪنهن جي پيشاني تائين آهن. امام قشيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هي عجيب منظر ڏسي ڪري حيران ٿي پڇيو: هي ڇا معاملو آهي؟ سندن جِنّ دوست هيءَ ئي آيت پڙهي:

وَمَنْ يَّعْشُ عَنْ ذِكْرِ الرَّحْمٰنِ نُقَيِّضْ لَهٗ شَيْطٰنًا فَهُوَ لَهٗ قَرِيْنٌ ﴿۳۶﴾

(سيپارو: 25، سورة زُخرف: آيت: 36)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪو رحمٰن جي ذڪر کان منهن ڦيري تہ اسان ان تي هڪ شيطان مقرر ڪري ڇڏيندا آهيون پوءِ اهو ان جو ساٿي رهندو آهي.

۽ چيو: هي اهي ئي شيطان آهن جيڪي انهن تي مُسلط (*Impose*) ڪيا ويا آهن. انهن مان جيڪو غافل (*Heedless*) ٿيندو آهي، سندن مٿي تي شيطان ڪانءُ جي شڪل ۾ ويهي رهندو آهي، جڏهن اهو ذڪر ڪرڻ لڳندو آهي تہ شيطان پري

1... مسندِ ابي يعلٰي، جلد:3، صفحہ:376، حديث:4301۔

هٿي ويندو آهي.[1]

ذِکرو درود ہر گھڑی وِردِ زباں رہے | میری فُضول گوئی کی عادت نکال دو[2]

## ذِڪرُ الله ڪرڻ جو قرآني حڪم

اللهُ اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غفلت گناهن ۾ پوڻ ۽ دل تي ڪٽ چڙهڻ جو اهم سبب آهي، جيڪو غافل ٿي وڃي، شيطان ان جي دل تي ڇانئجي ويندو آهي ۽ وڏي آساني سان ان کي گناهه جي گڏ ۾ ڪِيرائي ڇڏيندو آهي، تنهنڪري جيترو ٿي سگهي، ڪثرت سان ذِڪرُ الله ڪرڻ جي عادت (***Habit***) بڻائڻ گهرجي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ۙ﴿۴۱﴾

(سيپارو: 22 ، سورة اَحزاب: آيت: 41)

ترجمو ڪنز العرفان: اي ايمان وارؤ! الله کي تمام گهڻو ياد ڪيو.

رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: الله جو ذِڪرُ ايترو ڪثرت سان ڪيو جو ماڻهو توهان کي ديوانو چون.[3]

## زبان ذِڪرُ الله سان تَر رکو...!!

هڪ ڀيري سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْه حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: اِنَّ شَرَائِعَ الْاِسْلَامِ قَدْ كَثُرَتْ عَلَيَّ يعني يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! بيشڪ اسلام جا احڪام مون تي گهڻا ٿي ويا، ڪو اهڙو عمل ارشاد فرمايو! جنهن کي مان مضبوطيءَ سان پڪڙي رکان. الله پاڪ جي آخري

---

1... سبع سنابل، صفحه:253بتغير قليل.
2... وسائلِ بخشش،صفحه:305.
3... مسند امام احمد، جلد:5، صفحه:189، حديث:11971.

نبيءِ رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: لَايَزَالُ لِسَانُكَ رَطْبًا مِّنْ ذِكْرِ اللهِ عَزَّوَ جَلَّ يعني تنهنجي زبان هميشه الله پاڪ جي ذڪر سان تَر رهي.(1)

مشهور مُفسرِ قرآن، حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: غالِباً سائِل (يعني سوال پڇڻ واري صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْه) جو سوال نوافل جي متعلق هو (ته يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم! نفلي عبادتون ڪوڙ ساريون آهن، انهن مان ڪا هڪ عبادت ٻڌايو جنهن کي مان مضبوطيءَ سان پڪڙي رکان) ان تي پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم هي جواب ڏنو، مقصد هي آهي ته هر وقت زبان تي ذِڪرُ الله جاري رهي. الله پاڪ اهڙي زندگي نصيب ڪري.(2)

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم.

## ٻليءَ سچ چيو

شيخ ابو الحسن نُوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ۽ ڪامل ولي هئا، پري پري تائين سندن ولايت جا چرچا هئا، ماڻهو برڪت جي لاءِ سندن خدمت ۾ حاضر ٿي فيض ماڻيندا هئا. هڪ ڀيري 2 دَرويش سندن ڪان ملاقات جي لاءِ نڪتا، انهن مان هڪ درويش جانورن جي ٻولي سمجهندو هو، جڏهن هي ٻئي شيخ ابو الحسن نوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شهر ۾ پهتا ته ڏٺائون: 2 ٻليون پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيون آهن. درويش ٻلين جي ڳالهه ٻڌي ۽ غمگين ٿي ڪري اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن پڙهيو. ٻي درويش معاملو پڇيو ته چيائون: هڪ ٻلي ٻيءَ کي چئي رهي هئي: شيخ ابو الحسن نوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وفات ڪري ويا آهن. ٻنهي کي ڏُکُ ٿيو، خير! ايڏو پري ڪان آيا هئا، سوچائون هاڻي جنازي ۾ ئي شرڪت ڪري وينداسين، جيئن ته هي ٻئي شيخ ابو الحسن نوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گهر پهتا.

1... ابن ماجه، كتاب الادب، باب فضل الذكر، صفحه:608، حديث:3793.

2... مرآة المناجيح، جلد:3، صفحه:321 ملتقطًا.

ڇا ٿا ڏسن تہ شيخ ابوالحسن نوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ سندن استقبال جي لاءِ تشريف وٺي اچي رهيا آهن، ٻئي ڏاڍو حيران ٿيا تہ هي ڇا معاملو آهي؟ ٻلين تہ سندن وفات جي خبر ڏني هئي، هي تہ زنده سلامت آهن. شيخ ابو الحسن نوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن جي حيراني ڏني تہ پڇيائون: ڇا ڳالهہ آهي؟ توهان حيران ڇو ٿي رهيا آهيو؟ درويش ٻلين جي گفتگو جي متعلق ٻڌايو: شيخ ابو الحسن نوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ٻلين سچ چيو آهي. مان گهڙي ڳن جي لاءِ ذِڪرُالله کان غافل ٿي ويو هيس، بَس انهيءَ وقت زمين ۽ آسمان ۾ هي اعلان ڪيو ويو تہ ابو الحسن وفات ڪري ويا، جِنن ۽ انسانن کانسواءِ تمام مخلوق هي آواز ٻڌو. پوءِ فرمايائون: مون تي غفلت گهڙي ڳن جي لاءِ هئي، اَلْحَمْدُ لله! مون کي ٻيهر ذِڪر جي نعمت نصيب ٿي وئي.[1]

اي عاشقانِ رسول! هي آهي ذڪر ۽ هي آهي غفلت...!! ذِڪر ڪرڻ وارو حقيقت ۾ زنده آهي جڏهن تہ غافل ائين آهي جيئن مُئل.

| | |
|---|---|
| مرے دل سے دنیا کی چاہت مٹا کر | کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی! |
| عبادت میں گزرے مری زندگانی | کرم ہو کرم یاخدا! یاالٰہی! [2] |

## ذِڪرُالله جون مختلف صورتون

ڪاش! اسان هر گهڙي ذِڪرُ الله ۾ گذارڻ وارا ٻڻجي وڃون. ذِڪرُ الله جون ڪوڙ صورتون آهن ❁ مثال طور قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ بہ ذِڪرُ الله آهي ❁ الله پاڪ جا پيارا پيارا پاڪ نالا زبان سان ادا ڪرڻ ❁ الله الله چوندو رهڻ ❁ يَا رَحْمٰنُ، يَارَحْمٰنُ جي تسبيح ڪرڻ ❁ يا غفّارُ، يا غفّارُ، يَا سَمِيْعُ، يَا سَمِيْعُ چوندو رهڻ هي سڀ الله پاڪ جو ذڪر آهي ❁ الله پاڪ دنيا جوڙي، ان دنيا جي عجائبات

---

[1] ...مقاصد السالڪين، صفحه:187-188بتغيرقليل۔

[2] ...وسائلِ بخشش، صفحه:105۔

(*Wonders*) کي ڏسڻ ❁ ان جي ذريعي الله پاڪ جو شان ۽ عظمت (*Gloriousness*) ۽ قدرت جي متعلق غور ڪرڻ، هي اکين جو ذڪر آهي ❁ ذِڪرُ الله ٻڌڻ ڪنن جو ذڪر آهي ❁ دل سان الله پاڪ جي ياد ۾ مصروف رهڻ دل جو ذڪر آهي ❁ نعتِ مصطفٰي پڙهڻ، ٻڌڻ بہ ذڪر آهي ❁ الله پاڪ جي محبوب ٻانهن جون ڳالهيون ڪرڻ ❁ انهن جو ذڪرِ خير ٻڌڻ ❁ انهن جي سيرت (*Biographies*) پڙهڻ هي بہ ذڪر آهي. حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، فرمائن ٿا: ذِڪرُ الله بالواسط بہ هوندو آهي ۽ بلاواسط بہ، الله پاڪ جي ذات ۽ صفات جو تذڪرو يا انهن متعلق سوچ ويچار ڪرڻ بلاواسط ذِڪرُ الله آهي، ان جي محبوبن جو محبت سان چرچو ڪرڻ بالواسط الله جو ذڪر آهن، ڏسو! سڄو قرآن ذِڪرُ الله آهي پر ان ۾ ڪٿي تہ خدا جي ذات ۽ صفات جو ذڪر آهي، ڪٿي حُضورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اوصاف ۽ تعريفون.[1] ۽ قرآنِ ڪريم جي تلاوت بهترين ذڪر آهي، معلوم ٿيو: هي سڀ ڳالهيون ذڪر ۾ شامل آهن.

بهرحال! هي تمام ذِڪرُ الله جون صورتون (*Types*) آهن، ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ اسان هر وقت ئي ڪهڙي نہ ڪهڙي طرح ذِڪر ۽ فِڪر ۾ مصروف رهون.

## غلام کي بادشاھ بڻائڻ وارو عَمل

مشهور صوفي بزرگ حضرت مولانا روم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

| | |
|---|---|
| گَرتُو خَواهِي زِيستَن بَا آبرُو | ذِكرِ اُو كُن ذِكرِ اُو كُن ذِكرِ اُو |
| هَرگَدَا رَا ذِكرِ اُو سُلطَان كُنَد | ذِكرِ اُو بَس زَيوَرِ اِيمَان بَوَد |
| هَركِهِ دِيوَانَه بَوَد دَر ذِكرِ حَق | زِيرِ پَائِش عَرش و كُرسِى نُه طَبَق |

مفهوم: باعزت زندگي گذارڻ چاهيو ٿا تہ ذِڪرُ الله ڪيو! ذِڪرُ الله ڪيو! ذِڪرُ

[1]… مرآة المناجيح، جلد:3، صفحہ:304 ملتقطًا.

الله ڪيو! الله جو ذڪر فقير (پينوءَ) کي بادشاھ بڻائي ڇڏيندو آھي، خلاصو ھي آھي تہ ذِڪرُ الله ايمان جو زيور آھي، جيڪو الله جي ذڪر ۾ ديوانو ٿي وڃي، عرش ۽ ڪرسي ۽ تمام طبقات انھن جي قدمن ھيٺ ھوندا آھن.

الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان ذِڪرُ الله ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## (2) تلاوتِ قرآن

پيارا اسلامي ڀائرو! دل جي ڪٽ دور ڪرڻ وارو ٻيو نيڪ عمل آھي: **قرآنِ ڪريم جي تلاوت**. قرآنِ ڪريم ۾ غور ۽ فڪر ڪندي، پوري توجھ سان، تلاوت جي ظاھري ۽ باطني آدابن جو خيال رکندي تلاوت ڪئي وڃي، تلاوت ڪرڻ وارو تلاوت جي وقت ھي تصور ڪري تہ قرآنِ ڪريم جي نورانيت منھنجي دل ۾ داخل ٿي ڪري دل جي ڪَٽُ ڌوئي رھي آھي، جيڪڏھن ڪو شخص انھن حسين تصورات سان، تلاوت جي آداب جو لحاظ رکندي قرآنِ ڪريم پڙھندو تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جي دل جي ڪَٽُ (*Rust*) نھايت تيزيءَ سان دور ٿيندي.

الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اچو! تلاوتِ قرآن جا فضائل ٻڌو ٿا:

## قيامت جي ڏينھن تلاوت ڪرڻ واري تي رحم

پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو ٻانھو ڏينھن رات ۾ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندو آھي، قرآنِ ڪريم جي حلال کي حلال ۽ حرام کي حرام ڄاڻيندو آھي، الله پاڪ ملائڪن کي ان جو رفيق (يعني ساٿي) بڻائي ڇڏيندو آھي. جڏھن قيامت جو ڏينھن ٿيندو، قرآنِ ڪريم ان ٻانھي جي لاءِ الله

پاڪ جي بارگاھ ۾ دلائل ڏيندو، قرآن چوندو: اي ربِّ ڪريم! ھر شخص دنيا ۾ پنھنجي ڪم جي مزوري وٺندو ھو پر فلاڻو شخص، ڏينھن ۽ رات ۾ منھنجي تلاوت ڪندو ھو، منھنجي حلال کي حلال ۽ حرام کي حرام ڄاڻيندو ھو، اي ربَّ! اڄ ان کي اجر عطا فرماءِ. قرآنِ ڪريم جي عرض تي ان ٻانھي کي شاھي تاج ۽ ڪرامت جو لباس پارايو ويندو. پوءِ اللہ پاڪ قرآنِ ڪريم کي فرمائيندو: ھَلْ رَضَيْتَ ؟ (اي قرآن!) ڇا تون راضي آھين؟ قرآنِ ڪريم چوندو: اي ربّ! ان کان بہ افضل اجر عطا فرماءِ. ھاڻي ان ٻانھي کي بادشاھت ۽ جنّت عطا ڪئي ويندي. پوءِ قرآنِ ڪريم کي چيو ويندو: ھَلْ رَضَيْتَ ؟ (اي قرآن!) ڇا تون ھاڻي راضي آھين؟ قرآنِ ڪريم چوندو: ھا!، اي ربَّ (ھاڻي مان راضي آھيان).[1]

تلاوت کا جذبہ عطا کر اِلٰہی! | معاف فرما میری خطا ہر اِلٰہی!

## قرآنِ پاڪ جي تلاوت افضل ترين عمل آھي

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! قرآنِ پاڪ جا ڪھڙا ڪھڙا فضائل آھن. ڪاش! اسان کي بہ قرآن جو شوق نصيب ٿي وڃي. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَفْضَلُ عِبَادَةِ اُمَّتِیْ قِرَاءَةُ الْقُرْآنِ قرآنِ ڪريم منھنجي اُمّت جي افضل ترين عبادت آھي.[2]

دے شوقِ تلاوت، دے ذوقِ عبادت | رہوں باوُضو میں سدا یا اِلٰہی![3]

## اللہ پاڪ جو قرب ڏيارڻ واري نيڪي

حضرت فَرْوَہ بن نوفل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان حضرت خَبّاب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو

---

1... شُعَبُ الايمان، جلد:2، صفحہ:345، حديث:1991۔

2... شُعَبُ الايمان ، جلد:2، صفحہ:354، حديث:2022۔

3... وسائلِ بخشش،صفحہ:102۔

پاڙيسري هيس، هڪ ڏينهن ساٿس گڏجي مسجد جي طرف ويس، پاڻ منهنجو هٿ پڪڙي ڪري فرمايائون: اي شخص! جيترو ٿي سگهي الله پاڪ جو قرب حاصل ڪر! پوءِ پاڻ ٿي فرمايائون: الله پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ جو سڀ کان پسنديده طريقو ان جو ڪلام (يعني قرآنِ مجيد) آهي.[1]

الٰہی! خوب دیدے شوق قرآں کی تلاوت کا | شرف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

## قرآن الله پاڪ جي مضبوط رسي آهي

مسلمانن جي چوٿين خليفا اَميرُ المؤمنين حضرت عليُ المُرتضٰي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي، نبي پاڪ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: عنقريب فتنا ٿيندا. مون عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! انهن کان بچڻ جو ڇا طريقو آهي؟ فرمايائون: الله پاڪ جو ڪتاب (يعني قرآنِ ڪريم). پوءِ فرمايائون: ❁ قرآنِ ڪريم ۾ توهان جي اڳين پنين جون خبرون آهن ❁ قرآنِ ڪريم ۾ توهان جي هڪٻئي جا فيصلا آهن ❁ جيڪو ظالم قرآنِ ڪريم کي ڇڏي ڏيندو، الله پاڪ ان کي تباه ڪري ڇڏيندو ❁ ۽ جيڪو قرآنِ ڪريم کان علاوه ڪٿي ٻئي پاسي کان هدايت ڳوليندو، الله پاڪ ان کي گمراه ڪري ڇڏيندو ❁ قرآنِ ڪريم الله پاڪ جي مضبوط رسي آهي ❁ قرآنِ ڪريم حڪمت وارو ذڪر آهي ❁ قرآنِ ڪريم سڌو رستو آهي ❁ قرآنِ ڪريم جي برڪت سان خواهشون متجنديون آهن ❁ قرآنِ ڪريم جا عجائبات ختم ناهن ٿيندا ❁ جيڪو قرآنِ ڪريم جي مطابق ڳالهه ڪري، اهو سچو آهي ❁ جنهن قرآنِ ڪريم تي عمل ڪيو، اهو ثواب ماڻيندو ❁ جيڪو قرآنِ ڪريم جي مطابق فيصلو ڪري، اهو انصاف ڪرڻ وارو هوندو ❁ ۽ جيڪو قرآنِ ڪريم جي طرف سڏي، ضرور اهو سڌي واٽ جي طرف سڏڻ

---

[1]... شُعَبُ الايمان ، جلد:2، صفحه:354، حديث:2020۔

وارو هوندو.[1]

هر روز میں قرآن پڑھوں کاش! خدایا | اللہ! تلاوت میں مرے دِل کو لگا دے

اي عاشقانِ رسول! ڏسو! قرآنِ ڪريم الله پاڪ جي مضبوط رسي آهي، جيڪو ان رسيءَ کي مضبوطي سان پڪڙي وٺي، قرآنِ ڪريم سان پوري طرح وابسته ٿي وڃي، قرآنِ ڪريم کي دل ۽ جان سان اپنائي وٺي، ڏينهن رات شوق ۽ ذوق سان تلاوت کي پنهنجو معمول بڻائي وٺي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! قرآنِ ڪريم ان جي ڪردار کي سنواري ڇڏيندو، دل جي ڪٽ دور فرمائي ڇڏيندو، دنيا ۾، قبر ۾، ميدانِ محشر ۾، ميزان تي، پلصراط تي هر جڳهه ان جي حفاظت فرمائيندو ۽ الله پاڪ چاهيو ته جنّت تائين پهچائي ڇڏيندو.

## حالّ مُرْتَحِلْ ٿيا ڪي چوندا آهن؟

ڪاش! اسان کي تلاوت جو شوق نصيب ٿي وڃي. حضرت عبدُ الله بن عبّاس رَضِیَ اللهُ عَنْهما فرمائن ٿا: هڪ ڀيري هڪ شخص پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يا رسولَ الله صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! افضل عَمل ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: توتي لازم آهي ته حالّ مُرَتَحِلَ (يعني منزل تي پهچي ڪري وري سفر شروع ڪرڻ وارو) بڻجي وڃين! ان عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! حالّ مُرَتَحِلَ ڇا آهي؟ فرمايائون: اهو صاحبِ قرآن آهي جيڪو قرآن کي ابتداء کان پڙهڻ شروع ڪندو آهي ۽ آخر تائين پهچي ويندو آهي، جڏهن قرآنِ ڪريم مڪمل ڪري وٺندو آهي ته ٻيهر ابتداء کان شروع ڪندو آهي، جڏهن به اهو پنهنجي منزل تي پهچندو آهي، ٻيهر سفر شروع ڪري ڇڏيندو آهي.[2]

الله پاڪ اسان کي حالّ مُرَتَحِلَ بڻجڻ (يعني باربار قرآنِ ڪريم مڪمل ڪرڻ، هڪ

---

[1]... ترمذی، کتاب فضائل القرآن، باب:ماجاء فی فضل القرآن، صفحہ:675، حدیث:2906۔

[2]... ترمذی، کتاب القراءت، صفحہ:684، حدیث:2948۔

پيرو مڪمل پڙهي ڪري پيهر شروع ڪرڻ ۽ ائين ئي زندگي گذاري ڇڏڻ) جي توفيق نصيب فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## (3): موت جي ياد

پيارا اسلامي ڀائرو! دل جي ڪٽ دور ڪرڻ وارو ٽيون نيڪ عمل آهي: موت کي ياد ڪرڻ. جي ها! موت کي ياد ڪرڻ سان بہ دل جي ڪٽ دور ٿيندي آهي. امام ابنِ ابي دنيا رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: هڪ ڀيري هڪ عورت حضرت عائشہ صدِّيقہ، طيبہ، طاهره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي خدمت ۾ حاضر ٿي ۽ دل جي سختي جي شڪايت ڪيائين. حضرت عائشہ صدِّيقہ، طيبہ، طاهره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمايو: اَكْثِرِىْ ذِكْرَ الْمَوْتِ يعني موت کي ڪثرت سان ياد ڪندي ڪر!

ڪجھ ڏينهن کان بعد اها عورت پيهر واپس آئي ۽ حضرت عائشہ صدّيقہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جو شڪريو ادا ڪيائين(تہ مون اوهان جي ٻڌايل نسخي تي عمل ڪيو تہ الله پاڪ جو فضل ٿيو، موت جي ياد رنگ لاتو ۽ دل جي سختي دور ٿي وئي).[1]

معلوم ٿيو: موت جي ياد سان دل جي ڪٽ تمام جلدي لهي ويندي آهي، ان ڪري اسان کي گهرجي تہ وقفي وقفي سان موت کي ياد ڪندا رهون.

## موت جي ياد کان غفلت جو انجام

حضرت سعيد بن جُبَير، ربيع بن ابو راشِد ۽ ڪيئي بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم فرمائن ٿا: جيڪڏهن هڪ گهڙي جي لاءِ بہ موت جي ياد دل کان دور ٿي وڃي تہ دليون بگڙجي وينديون آهن.[2]

الله اڪبر! موت جي ياد گهڙي ڪن جي لاءِ دل تان هٽي وڃي تہ دل بگڙجي

---

[1]... موسوعة امام ابن ابی الدنيا، باب ما يعين ذكر الموت، جلد:5، صفحہ:442، حديث:156۔

[2]... مجموع رسائل ابنِ رجب،ذم قسوة القلب،جلد:1،صفحہ:265۔

ويندي آهي، اسان کي تہ موت جي ياد ايندي ئي ناهي، ايندي بہ آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن اها بہ بَس گهڙي گهڙي ڪَن جي لاءِ. هاءِ! اسان جي دلين جو حال ڇا ٿيندو....!!

لاؤں وہ اشک کہاں سے جو سیاہی دھودیں
گندگی میں مرا دِل حد سے بڑھا جاتا ہے

عارضی آفتِ دُنیا سے تو ڈرتا ہے دِل
ہائے بے خوف عذابوں سے ہوا جاتا ہے (1)

## هر شيءِ فاني آهي

صحابي ابنِ صحابي حضرت عبدُالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُما جي مبارڪ عادت هئي، پاڻ جڏهن پنهنجي دل ۾ نرمي جو اضافو ڪرڻ چاهيندا هئا تہ ويران گهرن ڏي ويندا، انهن جي دروازن تي بيهي چوندا هئا: اَيْنَ اَهْلُكَ! يعني اي ويران گهرَ...!! تون ۾ رهڻ وارا ڪيڏانهن ويا؟ پوءِ پاڻ ئي جواب طور فرمائيندا هئا: الله پاڪ هميشہ رهندو، باقي هر شيءِ فاني (*Mortal*) آهي. (2)

جب اس بزم سے اٹھ گئے دوست اکثر
اور اٹھتے چلے جارہے ہیں برابر

یہ ہر وَقْت پیشِ نظر جب ہے منظر
یہاں پر ترا دل بہلتا ہے کیوں کر

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

## عقلمند ڪير...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش! اسان موت کي ياد رکڻ وارا بڻجي وڃون، حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُما فرمائن ٿا: هڪ ڀيري بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو ويو: ڪهڙا مومن گهڻو عقلمند آهن؟ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: موت کي ڪثرت سان ياد ڪرڻ ۽ موت کان پوءِ جي لاءِ سُٺي تياري

---

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:432۔

2...مجموع رسائل ابنِ رجب، ذم قسوة القلب، جلد:1، صفحہ:269۔

ڪرڻ وارا، اهي ئي ماڻهو گهڻو سمجهدار آهن.[1]

دِلا غافل نہ ہو یکدم، یہ دُنیا چھوڑ جانا ہے
بغیچے چھوڑ کر خالی، زمین اندر سمانا ہے
تُو اپنی موت کو مت بھول، کر سامان چلنے کا
زمیں کی خاک پر سونا ہے، اینٹوں کا سرہانا ہے
جہاں کے شغل میں شاغل، خدا کے ذکر سے غافل
کرے دعویٰ کہ یہ دنیا، مرا دائم ٹھکانا ہے

الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان موت کي ياد ڪرڻ وارو بڻائي. موت کي ياد ڪنداسين، باربار موت جي طرف توجهه ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دل جي ڪٽ دور ٿيندي ۽ آخرت جو فڪر نصيب ٿيندو.

## (4) صالحين جي صحبت

پيارا اسلامي ڀائرو! دل جي ڪٽ دور ڪرڻ جو چوٿون ۽ عملي طور تي سيني کان گهڻو اَثر ڪندڙ (*Effective*) طريقو نيڪ صحبت آهي. الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن وٽ اٿڻ ويهڻ، انهن جون ڳالهيون ٻڌڻ، انهن جي طرف محبت سان ڏسڻ ۽ انهن جي سيرت اپنائڻ جي برڪتن سان ايترو جلدي دل جي ڪٽ دور ٿيندي آهي جو جنهن جو ڪو جواب ناهي.

## دل جي سختي جو نرالو علاج

حضرت جعفر بن سليمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان جڏهن بہ پنهنجي دل ۾ سختي ڏسندو هيس تہ صبح سَويرَ حضرت محمد بن واسِع رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويندو هيس، ان جي برڪت سان مون کي فائدو پهچندو هو.[2]

---

[1]... ابنِ ماجه، كتاب:الزہد،باب :ذکر الموت و الاستعداد لہ ، صفحہ:690،حدیث:4259۔
[2]... حِلْيَةُ الْاَوْلِياء، جلد:2، صفحہ:395۔

اللہ اللہ کیے جانے سے اللہ نہ ملے | اللہ والے ہیں جو اللہ سے ملا دیتے ہیں

## هڪ نگاهِ ڪرم جي ڳالهه آهي

مشهور مُفسرِ قرآن، حڪيمُ الأمّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تفسيرِ نعيمي ۾ فرمائن ٿا: گناهن سان آهستہ آهستہ دل ميري ٿيندي آهي(مثال طور هڪ گناهہ ڪيو تہ دل تي هڪ ڪارو نقطو لڳي ويندو آهي، ٻيو گناهہ ڪيو تہ ٻيو نقطو لڳي ويندو آهي، ائين آهستہ آهستہ دل تي ڪٽ چڙهي ويندي آهي) ۽ ميري دل عبادت جي ذريعي آهستہ آهستہ صاف ٿيندي آهي پر نيڪ ٻانهن جي دشمني سان آهستہ آهستہ نہ بلڪ يڪدم دل تي مهر لڳي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن نيڪ ٻانهي جي نگاهِ عنايت ٿي وڃي تہ ميري دل يڪدم صاف ستري چمڪدار ٿي ويندي آهي.[1]

ان ڪري تہ چوندا آهن:

یک زمانہ صحبتِ با اَولیا | بہتر از صد سالہ طاعتِ بے ریا

وضاحت: يعني سؤ سالن جي بي ريا عبادت هڪ پاسي، ڪنهن ڪامل ولي جي ڪجهہ گهڙين جي صحبت هڪ پاسي، هي ولي جي صحبت جيترو جلدي اَثر ڪندي آهي، عبادت اوترو جلدي اَثر ناهي ڪندي. (خيال رهي! ان جو مطلب هي ناهي تہ نماز، روزو ڇڏي ڪري بَس نيڪ ماڻهن جي صحبت ئي اختيار ڪيون، ان سان تہ ابتو اثر ٿيندو، هونئن بہ نيڪ ماڻهن جي صحبت نمازين کي بي نمازي نہ بلڪ بي نمازين کي نمازي بڻائيندي آهي).

## فتح محمد نمازي بڻجي ويو

ميان شير محمد شرقپوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڪستان جي مشهور اولياءِ ڪرام مان آهن، هڪ پيري سندن هڪ مُريد پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ عرض ڪيو: سائين! منهنجو هڪ پٽ آهي: فتح محمد. مون ان کي وڏي شوق سان حافظِ قرآن بڻايو

---

[1]... تفسیرِ نعیمی، پارہ:1، سورۂ بقرہ، زیرِ آیت:7، جلد:1، صفحہ:158 خلاصۃً۔

پر اهو نماز نہ ٿو پڙهي. ميان شير محمد شرقپوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: ان کي اسان وٽ وٺي اچجو. جيئن تہ مُريد 2 ڏينهن کان بعد پنهنجي پٽ کي گڏ وٺي حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: حُضور! فتح محمد حاضر آهي. ميان شير محمد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نهايت پيار سان پڇيو: فتح محمد! نماز چو نہ ٿو پڙهين؟ عرض ڪيائين: نماز ۾ منهنجي دل ناهي لڳندي، جيڪڏهن نماز پڙهائٽي آهي تہ دل لڳائي ڇڏيو.

ميان شير محمد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه چٽائي (ٽُڪَ) تي ليٽيل هئا، فتح محمد جي ڳالهہ ٻڌي ڪري جوش ۾ اٿي ويٺا ۽ ڪلمي جي آڱر سان ان جي دل جي طرف اشارو ڪري فرمايائون: وڃ! هاڻي دل لڳندي. بَس الله پاڪ جي ڪامل ولي جو ايترو چوڻ هو، هاڻي فتح محمد جي هيءَ ڪيفيت هئي جو ظهر جي نماز شروع ڪندو هو تہ عصر تائين ظهر ئي مڪمل ٿيندي هئي، عشاء جي نيّت ڪندو هو تہ فجر تي ويندي هئي.[1]

طيبہ سے منگائی جاتی ہے، سینوں میں چھپائی جاتی ہے
تَوحید کی مَے پیالے سے نہیں، نظروں سے پِلائی جاتی ہے

الله پاڪ اسان کي اولياءِ ڪرام سان محبت ڪرڻ انهن جي نگاهِ ڪرم جو طلبگار رهڻ ۽ بَس نيڪ صحبت ئي اختيار ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## دل جي سختي جا 3 روحاني علاج

شيخ طريقت، اَميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي ڪتاب مدني پنج سوره ۾ لکن ٿا: (1): جيڪو بہ هر نماز کان بعد 100 ڀيرا يَااللهُ پڙهي، اِنۡ شَآءَاللّٰهُ الۡكَرِيۡم! ان جو باطن ڪشادو ٿيندو (2): جيڪو روزانو نمازِ فجر کان بعد هٿ سيني تي رکي ڪري

[1] ... مواعظِ نعيميہ، صفحہ:316-317۔

70 پيرا يَا فَتَّاحُ پڙهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جي دل جي ڪٽ ۽ ميراڻ دور ٿيندي (3): ۽ جيڪو روزانو ڪهڙي بہ وقت ڏينهن ۾ هڪ دفعو 7 پيرا يَافَتَّاحُ پڙهندو ڪري، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جي دل روشن ٿيندي.[1]

قَلب سختی میں حد سے بڑھا ہے — بندہ طالِب ترے خوف کا ہے
اِلتجائے غمِ مصطفٰے ہے — یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم: علاقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! دل جي ڪٽ دور ڪرڻ، گناهن کان توبهہ ڪرڻ، ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ (*Linkup*) ٿي وڃو. 12 ديني ڪمن ۾ وڌي چڙهي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون، 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم علاقائي دورو بہ آهي. اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا!

## غير مسلم مسلمان ٿي ويو

پاڪستان پنجاب جي صوبي جي هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي جو بيان آهي، هڪ ڏينهن اسان وٽ ڪراچي کان مدني قافلو تشريف ڪٽي آيو، مدني قافلي وارن سان ملي ڪري مون کي بہ علاقائي دوري ۾ شرڪت جو شرف مليو، اسان هڪ درزيءَ جي دڪان جي ٻاهران ماڻهن کي گڏ ڪري نيڪي جي دعوت ڏئي رهيا هئاسين، جڏهن بيان ختم ٿيو تہ انهيءَ دڪان جي هڪ ملازم نوجوان چيو: مان غير مسلم آهيان. توهان جي نيڪي جي دعوت منهنجي دل تي گهرو اَثر (*Effect*)

---

[1] ... مدنی پنج سورۃ،صفحہ:246-248۔

[2] ... وسائلِ بخشش،صفحہ:134۔

ڪيو آهي، مهرباني فرمائي ڪري مون کي اسلام ۾ داخل ڪري ونو. پوءِ اَلْحَمْدُلِلّٰه! اهو ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويو.

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی | صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار! مدینے کا

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## تجهيز ۽ تڪفين ايپليڪيشن

اي عاشقانِ رسول! هاڻوڪو دور ٽيڪنالوجي جو دور آهي، الحمدلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اِسمارٽ فون (*Smartphone*) جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان مختلف ايپليڪيشنز جاري ٿي چڪيون آهي، جنهن مان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن آهي: *Muslim's Funeral* هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ مَيَّت جي غسل ۽ ڪفن ۽ دفن وغيره جي باري ۾ اهم ترين معلومات ڏني وئي آهي ۽ هڪ خاص ڳالهه هي آهي تہ مَيَّت کي غسل ڪيئن ڏيڻو آهي؟ ڪفن ڪيئن پارائڻو آهي؟ ان جي عملي طريقي جي لاءِ *Animated Videos* بہ شامل آهن.




توهان بہ هي موبائل ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ونو ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي اٽيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## گهٽ ڳالهائڻ سنّتِ مصطفٰي آهي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): ماڻهو جو خاموشيءَ تي قائم رهڻ 60 سال جي عبادت کان بهتر آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! گهٽ ڳالهائڻ سنّت مصطفٰي آهي ❁ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ طويل خاموشيءَ وارا هئا.[3] ❁ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بنا ضرورت ماڻهن سان ڪلام نہ فرمائيندا هئا، هند بن ابو هالہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بنا ضرورت گفتگو نہ فرمائيندا هئا بلڪ اڪثر خاموش ئي رهندا هئا.[4] خاموشيءَ مان مراد آهي: دنياوي ڪلام کان خاموشي نہ تہ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زبان مبارڪ الله پاڪ جي ذڪر سان تَرُ رهندي هئي.[5]

پيارا اسلامي ڀائرو! ❁ خاموشي حڪمت آهي ❁ گهٽ ڳالهائڻ سان عقل ڪامل ٿيندو آهي ❁ گهٽ ڳالهائڻ عبادت جي ڪنجي آهي ❁ گهٽ ڳالهائڻ سان عبادت جي لذّت نصيب ٿيندي آهي ❁ گهٽ ڳالهائڻ سان عزّت، وقار، علم ۾ اضافو

---

1... تاريخِ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
2... شُعْبُ الْاِيْمَان، باب: حفظ اللسان، جلد:4، صفحہ:245، حديث:4953۔
3... شرح السنہ للبغوی، جلد:7، صفحہ:450، حديث:3695۔
4... شمائل ترمذی، صفحہ:353، حديث:225۔
5... مرآة المناجيح، جلد:8، صفحہ:81۔

ٿيندو آهي ۞ جيڪو بنا ضرورت ڳالهائڻ کان بچي، اهو شيطان تي غالب رهندو آهي.

الله پاڪ اسان کي بہ گهٽ ڳالهائڻ، صرف ضرورت جي ڳالهہ واتان ڪڍڻ ۽ فضول ڳالهائڻ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

| | |
|---|---|
| یاربّ نہ ضرورت کے سوا کچھ کبھی بولوں | اللہ زباں کا ہو عطا قفل مدینہ |

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِيَہ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن پريو سَفر بہ آهي.

| | |
|---|---|
| آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر | سنّتیں سیکھیں گے اِس میں اِنۡ شَآءَاللہ سر بَسَر |
| جو بھی شیدائی ہے مدنی قافلوں کا یا خدا! | دو جہاں میں اُس کا بیڑا پار فرمایا خدا! |

الله پاڪ اسان کي عَمل جي فوفيق عطا فرمائي.

آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري
## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. [2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهَ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277

2... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

4... الترغیب والترهیب، ج 2، ص 329، حدیث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455